ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# الطاف شيخ جي سفرنامن جو تنقيدي جائزو

***Abstract:***

*Altaf Sheikh is a highly popular and celebrated travelogue writer of Sindhi language. Not only in Sindhi but he has written several travelogues in Urdu language as well. He is a popular columnist and writer of both the languages. He also has more than a hundred translations to his credit and his translation writing style is quite unique from his contemporary writers.*

*It is his unique style that became the reason behind his immense popularity amongst the readers and in this paper a critical study of his travelogues has been undertaken in order to prove the literary importance of his writing and also to highlight the reasons for his popularity among the readers.*

**سفرنامو،** نثر جي اهم صنف ليکجي ٿو. سنڌي ادب جي سفرنامن جي تاريخ، الطاف شيخ جي ذڪر کان سواءِ اڻ پوري رهندي. هو واحد سفرناما نگار آهي، جنهن گهڻي کان گهڻا سفرناما لکي، سفرنامي جي صنف ۾ سنڌي ادب کي پاڻ پرو بنائي ڇڏيو آهي.

الطاف شيخ ۱۴ نومبر ۱۹۴۴ع، تي هالا ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم هالا ۾ وٺڻ بعد هو ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان پڙهيو، جتي سندس تعليم سان گڏ تربيت به ٿي. ڪئڊٽ ڪاليج جي زندگيءَ کيس خوداعتماد ۽ محنتي بنايو. الطاف شيخ قابل شاگردن مان هو، مئرين انجنيئر طور سڄي دنيا جا ملڪ گهميو، آخر ۾ چيف انجنيئر ٿي ريٽائر ڪيائين. الطاف شيخ کي نه فقط پنهنجي شعبي جي سٺي ڄاڻ آهي پر کيس سنڌي ادب جي به بهترين ڄاڻ آهي، هن سنڌي ادب ۾ مترجم ۽ سفرنامانگار طور ڪتاب لکيا آهن، ڪي ڪتاب مرتب پڻ ڪيا آهن، سندس ادبي ڪاوشن کي سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ اهميت ملي آهي. هن سفرنامي جي صنف ۾ لکي سنڌي ادب کي سفرنامن ۾ مالامال ڪري ڇڏيو آهي، سندس سفرناما دنيا جي وڏي حصي جي گهر ويٺي ڄاڻ ڏين ٿا. هن اٽڪل سڄي دنيا جي اهم ملڪن جو ذڪر ڪيو آهي پر هو گهڻو ٽڪو سينگاپور، ملائيشيا ۽ جپان ۾ رهيو آهي، انهن ملڪن جو ذڪر سندس سفرنامن ۾ گهڻو ملي ٿو.





مئرين انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ، ان وقت جي اوڀر پاڪستان ۽ موجوده بنگلاديش جي شهر چٽاگانگ جي اداري مان گريجوئيشن ڪيائين. ’منهنجو ساگر منهنجو ساحل‘ سندس پهريون سفرنامو هو ۽ هاڻي سندس تازو سفرنامو ’هلو ته هندستان هلون‘ شايع ٿيو آهي. سندس شايع ٿيل سفرنامن جو انگ هڪ سؤ کان به مٿي چڙهي چڪو آهي.

الطاف شيخ جي سفرنامن جي خاص ڳالهه سندس انداز بيان يا طرز تحرير آهي، جنهن ۾ هو بلڪل آزاد انداز ۾، پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري ٿو. شروعاتي دؤر جي لکيل سفرنامن ۾، سندس ٻولي انگريزي گاڏڙ سنڌي هئي، پر درجي بدرجي هن ٻولي تي عبور حاصل ڪيو ۽ پنهنجي همعصرن ۾ تمام گهڻي اهميت ماڻي آهي. الطاف شيخ سفرنامن کان سواءِ، هن اخبارن ۾ ڪيترائي ڪالم، جيڪي سفرنامن جي صورت ۾ آهن ۽ ڪيترائي تاريخي مضمون ۽ ڪالم پڻ لکيا آهن، جيڪي نه فقط دلچسپ آهن پر تاريخ تي به گهڻي ڄاڻ ڏين ٿا. هن مضمون ۾ سندس سڀني سفرنامن جو تنقيدي جائزو وٺڻ ممڪن ڪونهي، پر ڪجهه اهم سفرنامن جو جائزو ورتو ويو آهي، جن مان انهيءَ جي علمي ۽ ادبي اهميت جو اندازو ٿي سگهندو.

’منهنجو ساگر منهنجو ساحل‘ سندس سفرنامن جو شروعاتي ڪتاب آهي، جيڪو خطن تي ٻڌل سفرنامو آهي، اهي خط هن پنهنجي دوست ۽ ڳوٺاڻي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ کي لکيا آهن، جن ۾ انهيءَ سفر جو سربستو احوال ڏنل آهي. پهريون خط، عربي سمنڊ مان لنگهندي ۲۳ سيپٽمبر ۱۹٦۸ع، تي لکيائين جنهن سان سفر نامي جي شروعات ٿيل آهي، انهن خطن ۾ ليکڪ، سامونڊي سفر جي جوکن، مئرين نيويءَ بابت ڄاڻ ۽ مختلف سمنڊن جي باري ۾ تفصيلي احوال ڏنو آهي، جن ۾ بحراسود (Black Sea) ۽ عربي سمنڊ کان سواءِ، لاس پاماس ٻيٽ ۽ ٻين ٻيٽن جو احوال ڏنل آهي. الطاف شيخ جو ان سفر ۾ جن ملڪن ڏانهن وڃڻ ٿيو، انهن ۾ ڪولمبو، يوگوسلاويه، رومانيه، بلغاريه، ڪينيا، سلون، اٽلي، جرمني، شام، مصر، روم، دبئي ۽ ٻين ملڪن ۽ شهرن جو احوال آهي. روم جي شهر لاءِ، ليکڪ لکي ٿو ته، ”ادا روم ۾ جتي آئون ڪجهه ڏينهن اڳ هئس جيڪو هڪ تاريخي شهر آهي اٽڪل چارهزار سال پراڻو ٿيندو دنيا جو وڏي ۾ وڏو چرچ سنيٽ پيٽر به روم ۾ آهي. شهر ۾ جتي ڪٿي تمام وڏا پٿر ۽ ڌاتوءَ جا بت نظر ايندا بگهاڙي جو بت روم جي قومي نشاني آهي چيو وڃي ٿو ته روم ٻن ڀائرن نهرايو جن کي ننڍي هوندي ان بگهاڙيءَ کير پياري وڏو ڪيو

هو. ”(۱)

۱۹۷۷ع ۾، ’منهنجو ساگر منهنجو ساحل‘، ڪتاب جو پهريون ڇاپو، وفائي پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان، علي نواز وفائيءَ شايع ڪيو ۽ ان کان پوءِ، هن ڪتاب جا ڪيترائي ڇاپا آيا آهن. هي ڪتاب، موجوده وقت ڇتاپيٽيءَ جي امتحان جي سنڌيءَ جي نصاب ۾ شامل آهي، هي ليکڪ جو سفرنامو خطن جي صورت ۾ آهي. علمي حوالي سان هن سفرنامي جي وڏي اهميت آهي، جو پنهنجي خطن وسيلي الطاف شيخ دنيا جي انهن ملڪن جي تاريخ، جاگرافي، معيشت بابت ڄاڻ ڏني آهي.

**بندر بازاريون:**

هي سفرنامو، سنگاپور، پورٽ ڪلانگ ۽ ملايا جي سفرن جي احوال تي ٻڌل آهي، نيو فيلڊس پبليڪيشن، پاران شايع ڪيل هي سفرنامو ۱۸۰ صفحن تي مشتمل آهي، بندر بازاريون جو پهريون ڇاپو ۱۹۷۵ع، ۾ آيو. هن ڪتاب جو انتساب ڏيساور ۾ رهندڙ ديس واسين جي لاءِ آهي. ڪتاب جو مهاڳ امر جليل جو لکيل آهي.

امر جليل لکي ٿو ته: ”الطاف جو سنڌ ملڪ جي مٽيءَ سان پيچ پيل آهي، تنهن ڪري هو دنيا جي جنهن به حصي ۾ ويندو آهي، اتي سنڌي سڀاجهڙن جي ڳولها ڪندو آهي، سندس ڪوجنا اڪثر ڪري بر ثواب ٿيندي آهي، هن سنڌين کي پرديس ۾ سکيو ستابو ڏٺو آهي، هن هانگ ڪانگ، ٽوڪيو، سنگاپور، بيروت، وچ اوڀر، يورپ، آفريڪا، آمريڪا ۽ ويسٽ انڊيز ۾ سنڌين جا دڪان، هوٽلون، ڪارخانا ۽ واپار جون منڊيون ڏٺيون آهن، مان سوچيندو آهيان ته اسان منجهان اهڙو ڪو مڙس ماڻهو شل نروار ٿئي جيڪو سڪ جو سڳو ڪٽي نڪري ۽ سموري دنيا جي سنڌين کي هڪ مالها ۾ پوئي ڇڏي. ”(۲)

**ملايا، سينگاپور ۽ ٿائيلينڊ الطاف شيخ جي نظر ۾:**

’بندر بازاريون‘ سفرنامي ۾ ليکڪ ’سرفراز رفيقي‘ سامونڊي جهار تي اوچتي ڊيوٽي لڳڻ سبب، اوير پاسي وارن ملڪن، ملايا، چين، سنگاپور، ٿائيلينڊ هانگ ڪانگ ۽ جپان ڏانهن سفر ڪيو. ڪتاب جي شروع ۾ مئرين اڪيڊمي جي سليڪشن جي ڄاڻ سان گڏ، جهاز جي بناوت ان جا قسم ۽ عملي وغيره بابت ڄاڻ ڏني





وئي آهي، گڏوگڏ (Sea Sickness)، (سمنڊ ۾ سفر ڪندي خراب موسم جي ڪري ٿيندڙ بيمارين، جنهن ۾ الٽيون، ڦيري ۽ مٿي ۾ سُور ٿيندو آهي)، جي ڄاڻ ڏنل آهي ۽ اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته اهڙا اتفاق ڪڏهن ڪڏهن ٿيندا آهن. اها سڀ معلومات مئرين اڪيڊميءَ ۾ پڙهڻ جي خواهشمندن يا سامونڊي زندگيءَ بابت ڄاڻ وٺندڙ لاءِ، خاص طور ڏنل آهي. هن سفرنامي ۾ جهاز پهرين ملايا، جي ٻيٽ ’پينانگ‘ تي پهچي ٿو. پينانگ ٻيٽ ڊيوٽي فري ٻيٽ آهي، جتي تمام گهڻي سستائي آهي، ليکڪ، چوائيءَ ته ’ليڊيز جي ته ڄڻ لئه آهي ۽ عورتن جي لاءِ انهن شهرن جو هڪ هڪ ڏينهن عيد برابر آهي.‘

الطاف شيخ، ملايا بابت ڄاڻ ڏيندي ٻڌائي ٿو ته اتان جون چار قومي زبانون آهن، انگريزي، چيني، ملئي ۽ تامل، جيڪڏهن پويون ٽي زبانون، ڪنهن کي نٿيون اچن ته خير آهي، انگريزي اتي بلڪل عام آهي، هڪ عام رڪشا وارو يا اڻ پڙهيل دڪاندار به سٺي انگريزي ڳالهائي ٿو. ملايا ۾ سنڌي ڪافي تعداد ۾ آهن ۽ دوڪاندار به سنڌي گهڻا آهن، سنڌين جي واپار وڙج لاءِ اتي هي قول عام آهي، Salesman means sindhi, sindhi means salesman. ملايا جا مسلمان ملئي زبان ڳالهائيندڙ ۽ شڪل و صورت ۾ چينين جهڙا آهن، هتي چيني به رهندڙ آهن، جن مان ڪجهه مسلمان آهن ته ڪي عيسائي آهن، ڪجهه ٻڌ ڌرم سان تعلق رکندڙ آهن. ملايا ۾ ننڍيون وڏيون هر قسم جون هوٽلون آهن، جن جو کاڌو ذائقي ۾ ٺيڪ ٺاڪ آهي، هتي خاص طور پان تمام سٺا ملن ٿا. گرم مصالحو، ادرڪ، ڪاچا ۽ لونگ ڦوٽا خاص طور سستا آهن. ملايا ۾ چيني، ملئي، انڊين، پنجابي، سنڌي، گجراتين ۽ ڪوجن سان گڏ، اڪثريت سنڌي هندن جي آهي. ملايا جي مشهور شهرن ۾ پينانگ، بٽروٿ ۽ پورٽ ڪلانگ آهن، گهمڻ جي هنڌن ۾ نانگن جو مندر، پينانگ ٻيٽ، پينانگ جو باغيچو، ميرلين هوٽل جي ڇت تي ٺهيل گول ڦرندڙ ريسٽورينٽ (Revolving restaurant) ۽ ڪجهه اهم بازارون شامل آهن.

الطاف شيخ پنهنجن سفرنامن ۾ سنگاپور جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو آهي، پاڻ هن ملڪ ۾ گهڻو وقت رهيو آهي، پاڻ لکي ٿو ته، ’سنگاپور‘ جي زياده ڪمائي ٻاهرين ملڪن مان آيل سياحن ۽ جهازن جي ڪري آهي. سنگاپور جهازن جي تيل جو وڏو مرڪز آهي. جاگرافي نقطئه نگاهه کان ڪجهه اهڙي هنڌ تي آهي، جو هر جهاز

پئسفڪ وڏي سمنڊ کان، هندي وڏي سمنڊ ڏي ايندي يا ويندي، ڏکڻ چيني سمنڊ مان لنگهندي، سنگاپور وٽان ضرور لنگهي ٿو. تيل جي وڏي مرڪز ۽ فري پورٽ کان علاوه هڪ ٻرندڙ شمع مثل آهي، جنهن جي چوڌاري پتنگن وانگر جهاز ميڙ ڪيو بيٺا هوندا آهن. سنگاپور جي آمدنيءَ ۾ ربڙ ۽ ناريل جي پوک کان علاوه، ڪاٺين مان نڪتل شيهو بہ شامل آهي پر گهڻي ڪمائي سياحت جي ڪري آهي. سينگاپور سنسڪرت لفظ 'سنگاپور' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ 'شينهن جو گهر'. شهر ۾ جتي ڪٿي سنگ مرمر جا شينهن جا مجسما ڏسڻ ۾ ايندا. جن هيٺ Lion City لکيل هوندو.

سنگاپور ٢٠ لک آباديءَ جو ملڪ آهي (هن شهر بابت وڌيڪ لکي ٿو اهي انگ اکر ١٩٧٣ع مطابق آهن) پر انتهائي صاف سٿرو ملڪ آهي، جتي رستي ۾ ٿڪ اڇلائڻ، سگريٽ جو ٽوٽو ڦٽي ڪرڻ تي بہ پنجاهہ ڊالر ڏنڊ ۽ جيل جي سزا آهي. هتي انڊين ايئرلائينز، انڊين ٽوئرسٽ بيورو جي سروس سٺي آهي، انڊين بئنڪون ۽ انڊين هوٽلون گهڻيون آهن، انهيءَ کان سواءِ، هندوستاني ڪتاب، اخبارون ۽ رسالا پڻ عام جام آهن ۽ انڊيا جي تهذيب و تمدن جي پبلسٽي وڌيڪ آهي. سنگاپور ۾ سنڌي هندو تقريباً ١٠ هزار کان بہ وڌيڪ آهن، جڪارتا، انڊونيشيا ۽ هانگ ڪانگ ۾ بہ سنڌين جو تعداد جهجهو آهي. هتي سنڌي هندن جي مرچنٽ ايسوسيئيشن آهي. (جنهن جي سيڪريٽري مسٽر رامچند کان ورتل انٽرويو ڪتاب ۾ تفصيل سان ڏنل آهي). سنگاپور جي سنڌين جي هيءَ مرچنٽ ايسوسيئيشن باقائده رجسٽرڊ آهي، جيڪا ١٩٢١ع ۾ رجسٽر ٿي، هن ايسوسيئيشن کي پنهنجي ٽيليفون ڊائريڪٽري آهي ۽ سندن گڏجاڻيون 'سنڌو هائوس' بلڊنگ ۾ ٿينديون آهن. سنڌي ٻارن کي چيني ۽ انگريزي سيکارڻ سان گڏ، سنڌي سيکارڻ لاءِ، سنڌين هڪ الڳ اسڪول بہ قائم ڪيو آهي، تہ جيئن سندن ايندڙ نسل سنڌي ٻوليءَ کان باخبر رهي.

الطاف جي نظر ۾ ٿائيلينڊ، ٻڌ ڌرم جي ڪري مشهور ملڪ آهي. هتي انگريزي ورلي کو ڳالهائيندو، ٿائيلينڊ ۾ ٿائي زبان ڳالهائي ويندي آهي. ٻڌ ڌرم ٢٥ سئو سال اڳ هتي پهتو، هتي جي ٻڌن جي پگوڊن عبادتگاهن ۾ ٻُڌ پگشوئن (ڀاون) کي ڏسڻ لاءِ، ٻڌ ڌرم جا ماڻهو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ايندا آهن. ٿائيلينڊ جو مشهور شهر 'حاديہ' ۽ مشهور بندرگاهہ 'سونگ ڪلا' آهي. ٿائيلينڊ جي مذهب تي، هندو مت جو اثر پڻ شامل آهي، هندو ڌرم جا ڪيترائي ڪتاب مثلاً ڀڳوت گيتا ۽ رامائڻ وغيره،





ٿائيلينڊ جي اسڪولن ۾ پڙهايا وڃن ٿا. ٿائي زبان سنسڪرت جي Modification آهي.

'بندر بازاريون'، الطاف شيخ جي شروعاتي سفرنامن ۾ دلچسپ سفرنامو آهي، جنهن ۾ مٿئين ٽنهي ملڪن جي تاريخ ۽ جاگرافيائي ڄاڻ سان گڏ، انهن ملڪن جي رهڻي ڪهڻي، معيشت، ريتون رسمون، سماجي جوڙجڪ جو پيرائتو احوال ملي ٿو.

سيٺ رامچند جو انٽرويو بيان ڪندي، الطاف شيخ، سنڌي ٻوليءَ ۾، ٻين ٻولين جي لفظن جي ملاوٽ بابت فيصلو عالمن، اديبن، مفڪرن ۽ دانشورن تي ڇڏي ڏئي ٿو. سندس چوڻ مطابق، هندوستان جي سنڌيءَ ۾ هندي ۽ سنسڪرت، پاڪستان جي سنڌيءَ ۾ عربي، فارسي ۽ اردو، سنگاپور جي سنڌيءَ ۾ ملئي ۽ انگريزي، اسپين جي سنڌيءَ ۾ اسپيني لفظ يا اصطلاح، هاڻي شامل ٿي ويا آهن، اهو سنو آهي يا خراب انهيءَ لاءِ بحث جي ضرورت آهي، اهو فيصلو عالمن، اديبن، مفڪرن ۽ دانشورن کي ڪرڻ کپي تہ اهو صحيح آهي يا نہ؟ هن اهم موضوع تي، الطاف جو سوچڻ، فڪر ڪرڻ ۽ دانشورن ۽ عالمن کي هن خاص نقطي تي سوچي فيصلو ڪرڻ جي لاءِ چوڻ سان، سندس سنڌي ٻوليءَ سان محبت ظاهر ٿئي ٿي ۽ دنيا ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن سان ملڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج جي لاءِ، ورتل ڪوشش جو جائزو ڏيڻ سان سندس سنڌيت جو ثبوت پڻ ملي ٿو. هن ڪتاب ۾ ٻولي سليس ۽ عام فهم استعمال ٿيل آهي، لفظن ۽ جملن جو استعمال سهڻو آهي، موقعي مطابق چوڻيون ۽ پهاڪا استعمال ٿيل آهن، جيئن 'رُڃ ۾ ڪنهن مسافر کي پاڻيءَ سرڪ ملي جڻ ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي سٽائو سمنڊ مليو'، 'ٻہ بہ ويون ڇهہ بہ ويون'، 'ڏيهہ کي ڄاڻ پوي تہ پلي پوي باقي ڏيراڻيءَ کي نہ هٽڻ گهرجي'، يا شاهہ سائين جي بيتن جو استعمال جابجا نظر ايندو. جيئن.

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور ويا.

سو هي سو هو، سو اجل سو الله،
سو پرين سو پساهہ، سو ويري سو واهرو.

مجموعي طور 'بندر بازاريون' علمي ۽ ادبي طور اهميت وارو سفرنامو آهي.

**سمونڊ جي سيوين:**

هي سفرنامو، ۱۹۷۲ع، جو ڇپيل آهي، هن سفرنامي جي شروعات، شاهه سائينءَ جي هن بيت سان ٿيل آهي.

سمونڊ جي سيوين، تنين ماٽڪ ميڙيا،
چلر جي چوئين، تن سانڪونتا ۾ سُتيون.

سمونڊ جي سيوين، الطاف جي لکيل سفرنامن ۾، شروعاتي دؤر جو ۽ ترتيب مطابق، چوٿون نمبر سفرنامو آهي. ۱۹۵ صفحن جو هيءَ ڪتاب نيويارڪ، لنڊن، آفريڪا، جرمني ۽ پولينڊ جي ملڪن جي جاڻ ڏئي ٿو.

ڪتاب جي شروع ۾، پاڪستان نيويءَ جي ڪمانڊر اسرار الله جي طرفان، انگريزيءَ ۾ لکيل تعريفي خط پڻ ڏنل آهي. سفرنامي ۾ ڪل ست باب آهن پهريون باب آمريڪا ۽ نيويارڪ جي جاڻ تي مشتمل آهي.

آمريڪا ۽ نيويارڪ ليکڪ جي نظر ۾ هن ريت آهن:

۱. آمريڪا ۾ زرعي ترقي جديد اصولن تي ٻڌل آهي.
۲. نيويارڪ جي شهر تي نه صرف هن ملڪ کي، پر سڄي آمريڪا کي فخر آهي، هيءُ شهر دنيا جي وڏن ۽ با رونق شهرن مان آهي، ويهين صديءَ جي تهذيب ۽ ترقيءَ جو هڪ نادر ۽ انوکو نمونو آهي.
۳. سڄو نيويارڪ شهر، مختلف ايونيوز ۾ ورهايل آهي، هتي جو ’Railway System‘ تمام بهترين آهي.
۴. آمريڪا ۾ ٽئڪسيءَ جو سفر ايترو ته مهانگو آهي، جو صرف سمگلر ئي ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن سڄي شهر جو سئر ٽيڪسيءَ ۾ ڪجي ته شام تائين ايترو بل ٿي ويندو. جو ان مان نئين گاڏي وٺي سگهجي ٿي.
۵. آمريڪا جي آئس ڪريم ۽ ملڪ شيڪ جو مقابلو دنيا جو ڪوبه شهر نٿو ڪري سگهي.
٦. آمريڪا ۾ هر شيءَ جي پيڪنگ تمام خوبصورت هوندي آهي. بعض اوقات خريد ڪيل اصل شئي کان سندس پيڪنگ جو مٽيريل وڌيڪ وٽندڙ هوندو آهي.
۷. نيويارڪ ۾، ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ، اسٽيچيو آف لبرٽي، ٽائيمس





اسڪوائر ۽ سينٽرل پارڪ کي بيان ڪندي، ليکڪ لکي ٿو ته:
”نيويارڪ دراصل ننڍين ڀيٽن سان مختلف حصن ۾ ورهايل آهي، جهڙوڪ: مئن هٽن، بروڪلن برانڪس، اسٽيٽن آئيليند، ڪوني آئيليند، ڪئينس وغيره. جيئن ڪراچيءَ جا ڪيترائي حصا آهن، منوڙو، ڪياماڙي، ناظم آباد، صدر، ملير، لانڍي وغيره ۽ سڀني ۾ بارونق جڳهه ’صدر‘ آهي تيئن نيويارڪ جو سڀ کان خوبصورت ۽ مشغول علائقو ’مئن هٽن‘ آهي، جنهن کي عام طرح نيويارڪ ڪوٺجي ٿو.“

**لنڊن جي باري ۾ ليکڪ جي راءِ:**

۱. انگلينڊ جي عوام جي زندگي منظم آهي، هتي ٽرئفڪ جو انتظام ۽ ڪميونيڪيشن جو نظام تمام سٺو آهي.
۲. لنڊن ۾ پاڪستانين ۽ هندستانين جي اڪثريت آهي، ايترا انگريزن جي حڪومت ۾ به هندستان ۾ انگريز نه هئا، جيترا توهان کي پاڪستاني ۽ هندوستاني، انگلينڊ ۾ نظر ايندا. انگلينڊ ۾ ايترا ته پاڪستانين جا دڪان آهن، جو اتان اٽو، ڳڙ، آچار، مرچ مصالحي کان وٺي پڪوڙن، ريوڙين ۽ مٺائيءَ تائين هر شيءَ ملي ٿي.
۳. لنڊن ته ڇا پر سڄي انگلينڊ جي موسم، بي پروسي آهي، بقول ليکڪ انگلينڊ جي موسم ۽ محبوبه تي ڪهڙو ويساهه؟ هي موسم ستارن جي اثر وانگر، اتي جي ماڻهن جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل آهي.
۴. ٿيمس ندي ۽ انهي مان ٻڌل پُليون، جيئن (ٽاور برج، ريلوي برج، واٽر برج وغيره) جي ذڪر سان گڏ پڪاڊلي، سرڪس، بئنڪ آف انگلينڊ، مشهور ريڊيو اسٽيشن، بي بي سي، ويسٽ منسٽر، ميڻ جو عجائب گهر ۽ آڪسفورڊ ۽ ڪئمبرج يونيورسٽيءَ جو مختصر ذڪر ڪيل آهي.
۵. الطاف شيخ، جرمنيءَ کي خوبصورت سائين بورڊن سان سينگاريل ۽ بهترين دڪان سازيءَ کان مشهور شهر ڄاڻايو آهي. جنهن جا ڊپارٽمينٽل اسٽور سهڻا سجايل آهن. سيءُ هوندي به جرمنيءَ ۾ گهمڻ ڦرڻ ۾

انتهائي لطف اچي ٿو.

’برمودا ٻيٽ‘، جيڪو نيويارڪ کان سئو ڪلوميٽر پري آهي، انهيءَ ٻيٽ تي اتفاق سان جهاز جي، بئالرن جي خرابيءَ سببان، لنگرانداز ٿيڻ جو احوال آهي، هن ٻيٽ کي ’جهازن جو قبرستان‘ سڏيو ويندو آهي. جو هتي ساموندي حادثا گهڻا ٿيندا آهن. ليکڪ کي، هن ويران ٻيٽ تي اُتان جي اصولڪي رهاڪن ۽ يورپ ۽ آمريڪا جي گورن سان گڏ، حيدرآباد جي هيرآباد جي هڪ سنڌي ڪٽنب سان ملڻ تي عجب ٿئي ٿو، جيڪي ١٩١٥ع، کان هن ٻيٽ تي آيل هئا.

١. پولينڊ جا رهاڪو مهمان نواز، سچار، صاف دل، خلوص وارا ۽ ايماندار آهن.
٢. پولينڊ ۾، قانون جو احترام تمام گهڻو آهي، پولينڊ، روس، رومانيه ۽ بلغاريه ۾ اڪيلي گهمڻ ڦرڻ ۾ ڪو ڊپ ڊاءُ ڪونهي هتي ڌاڙي يا ڦرلٽ جو مثال مشڪل سان نظر ايندو.
٣. پولينڊ ۾ بهترين صفائي آهي، رستن تي حادثا نه هئڻ جي برابر ٿيندا آهن.
٤. کاڌي پيتي ۾ ڪوڪ وغيره جي بجاءِ جوس کي اهميت آهي، هوٽلن ۾ کاڌو صحت جي اصولن مطابق صاف سٿرو ملي ٿو.
٥. ملڪ ۾، ڌارين ملڪن جي ادبي مواد تي پابندي آهي ۽ ڪسٽم جي چيڪنگ سخت آهي، ملڪ جي اندر به فحش لٽريچر تي سخت پابندي آهي.
٦. پولينڊ جي خوش مزاج عوام ۾ آرٽ ۽ موسيقيءَ جو سٺو قدر آهي. هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ليکڪ، پولينڊ جي موسيقيءَ تي سهڻا ڪمينٽس (Comments) ڏنا آهن.

’لورپور جا ڏينهن ۽ مانچسٽر جون راتيون‘ جي باب ۾، خيرپور جي محمد علي جماڻي، لياقت جماڻي ۽ لعل جوٽيجي سان قرب ڀرين ڪچهرين جو احوال آهي، لعل جوٽيجي سان ادبي ڪچهريءَ جي ڏي وٺ ۾ ’روح رهاڻ‘ جي بندش تي ڏک جي اظهار سان گڏ ’سهڻي‘ رسالي جي خدمتن جي ساراهه ٿيل آهي، گڏوگڏ طارق اشرف، غلام نبي مغل، ظفر حسن، نسيم ڪرل، امداد حسيني، وليرام ولڀ جي افسانن ۽ شاعريءَ تي بحث مباحثو ٿيل آهي. محمد علي ۽ سندس زال جينيءَ جي ٺاهيل ڳڙ ۽ مکڻ جي بسرين کائڻ سان گڏ، برف وسندي جڏهن يوسف، روبينه، روناليليٰ ۽ خميسي خان جا الغوزي جا رڪارڊ ٿي وڄيا، تڏهن ليکڪ چواڻيءَ ته، ”ڪا خبر ڪونه هئي ته مهمان ڪير آهي ۽





ميزبان ڪير؟ انهن پرديس جي ملاقاتن ۾ ديسي ڪچهرين ۽ ديسي کاڌن جي هڪ عجيب لذت ۽ سواد هو.“[٣]

نيويارڪ ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي ساٿين جي محبت سندس من موهي ورتو. مير مبارڪ ٽالپر، يوسف ڏاهري ۽ نور احمد نظاماڻيءَ ڪين جيءَ ۾ جايون ڏنيون.

هيءُ مختصر سفرنامو، فقط هڪ ملڪ جو احوال نه آهي، بلڪ هن ۾ مختلف هنڌن جي معلومات ڏنل آهي، جنهن ۾ لنڊن، آمريڪا، نيويارڪ ۽ پولينڊ جو ذڪر وڌيڪ تفصيلي آهي، سفرنامي جا اهي ٽي حصا وڌيڪ وڻندڙ آهن. پولينڊ جي سفر وارو باب پڙهڻ کان پوءِ، جيڪڏهن ڪير پولينڊ وڃي ته هو ڌارئين ملڪ جي لحاظ کان بلڪل خوفزده نه ٿيندو، ته هتي مون سان ڪهڙو سلوڪ ٿيندو؟ ڇو جو الطاف شيخ پولينڊ جو نقشو اهڙو چٽيو آهي، جو ائين ٿو لڳي ته، پولينڊ ۾ شينهن ۽ ٻڪري هڪ ئي گهاٽ تي پاڻي پين ٿا. ڪتاب جي ٻولي مناسب آهي، ليکڪ جي شروعاتي، دور جي سفرنامن ۾، ڪن ڪن هنڌن تي ٻوليءَ جي ترتيب ۾ نقص آهن، اردو جا لفظ پڻ استعمال ٿيل آهن. جيئن، دوران گفتگو، پرواز، رچي بسي وغيره. گڏوگڏ اڳيان هلي الطاف شيخ جي لکڻيءَ ۾ پختگي اچي وئي آهي ۽ سندس ڪتابن جا پروف به ڌيان سان جانچيل آهن. هن ڪتاب ۾ ڪافي هنڌن تي پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال موقعي مطابق آهي، مثال طور ’ٻه ٻه ويون ڇهه به ويون‘، ’لهي لوهه به ڪونه، ڇئي منهنجو نالو سون ٻائي‘، ’اجا ڪي آهن ڪلجڳ منجهه ڪاپڙي‘، ’اٺ آنا اُٺ جا، ٻارهن آنا ڪٽاڻي، ڪري پئي کوهه ۾ ته ڏيڊ رپيو ڪڍاڻي‘، ’ڏينس ٽُڪر ته هيءَ ڇئي سمهان وچ ۾‘، وغيره. مجموعي طور هي سفرنامو شروعاتي، دور جي سفرنامن ۾ اهميت رکي ٿو. معلومات ۽ ڄاڻ جي لحاظ کان هن جي هڪ خاص حيثيت آهي.

**وايون وڻجارن جون:**

الطاف شيخ جي شروعاتي دور جي، لکيل سفرنامن مان هڪ آهي. اپريل ١٩٧٤ع، ۾، سهڻي پبليڪيشن الهندو ڪڇو، جي طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. ان ڪتاب جا ڪيترائي ڇاپا اچي چڪا آهن. ٢٢٠ صفحن جو هيءُ ڪتاب هانگ ڪانگ ۽ ان جي ويجهڙائيءَ جي تفصيلي معلومات تي ٻڌل آهي، هن سفرنامي جو انتساب سنڌ جي شهر ’هالا‘ جي نالي آهي. مهاڳ طارق اشرف جيل مان ’سفرنامو، جيل نامو‘ جي عنوان

سان لکيو. جنهن ۾ طارق لکيو آهي ته، ”پاڻ مختلف ملڪن ۽ بندرگاهن جي سير سان گڏ، اتي جي تهذيب و ثقافت کان واقف ڪرائي ٿو ۽ سندس سفرنامن ۾ ڪارائتي معلومات هوندي آهي. گڏوگڏ ننڍيون ننڍيون دلچسپ ۽ اڻ وسرندڙ، جيئريون جاڳنديون ڪهاڻيون ۽ دلچسپ واقعا، هنداٿا لطيفا، پڙهندڙ کي تفريح جو پورو موقعو ميسر ڪن ٿا.“ هو اهو به لکي ٿو ته، ”الطاف جادوگر آهي، پڙهندڙ سندس لکڻيءَ جي منڊ ۾ منڊجي پوي ٿو.“(٤)

هن سفرنامي ۾ الطاف شيخ جي پرستارن ۽ دوستن جا تنقيدي ۽ تعريفي خط شامل آهن. جن ۾ قمر شهباز، استاد بخاري، عنايت بلوچ، ڊاڪٽر سليمان شيخ، شيرين فاروقي، سيما ممتاز عباسي، تبسم ماهتاب ايڊووڪيٽ ۽ ٻيا شامل آهن.

’وايون وڻجهارن جون‘، جي شروعات، نيشنل شپنگ ڪارپوريشن جي جهاز جي هانگ ڪانگ ۾ لنگرانداز ٿيڻ تي ٿئي ٿي، جتي ليک ڦيريون ڀيرو ڀهتو هو. (جيتوڻيڪ سندن گهڻا سفرناما، هانگ ڪانگ، سنگاپور، ملايا ۽ ٿائيلينڊ جي باري ۾ آهن).

هانگ ڪانگ جي تفصيلي احوال سان گڏ، آخر ۾ خوبصورت مڪائو ٻيٽ جو احوال آهي، مڪائو، هانگ ڪانگ کان چاليهه ميل پري آهي، جيڪو ليڪ چواڻيءَ ته: جوا ۽ سون جي ناجائز خريد و فروخت ۾ مشهور آهي، مڪائو جي ويجهو تائيپا ۽ ڪولاني ٻيٽ آهن، جيڪي پوريءَ دنيا ۾ آتش بازيءَ جو مادو ٺاهڻ ۾ مشهور آهن. هتي ٿنهي ٻيٽن جا اصل باشندا هانگ ڪانگ وانگر چيني آهن، مڪائو جي لاءِ الطاف شيخ لکي ٿو ته: ”هانگ ڪانگ اچي مڪائو نه ڏسڻ ائين آهي، جيئن حيدرآباد اچي ڄامشورو نه ڏسڻ، يا قلندر جي ميلي تي سيوهڻ اچي ڳانا نه خريد ڪرڻ.“(٥)

الطاف شيخ موجب، ”هانگ ڪانگ (وڪٽوريا ٻيٽ) جو ٻيو حصو ڪولون آهي، هانگ ڪانگ جنهن جي معنيٰ ’خوشبودار بندرگاهه‘ انگريزن جي قبضي ۾ ١٨٤٢ع ۾ آيو. هتي عوام جي اڪثريت جو مذهب ٻڌ ڌرم آهي. هانگ ڪانگ سنگاپور ۽ ملايا جا چيني بيحد محنتي، اورچ ۽ ذهين آهن ’بليڪ پيئر‘ هانگ ڪانگ جو ڪياماڙيءَ وانگر، پران کان به وڏيڪ ماڊرن، ڪشادو ۽ صاف سٿرو هنڌ آهي، جتان هڪ ئي وقت ڪيترن ئي ملڪن جي جهازن جو سمنڊ جي ڌڪي (Jetty) تي لڳڻ جا ۽ ماڻهن جي آمدرفت جا نظارا پسي سگهجن ٿا ته ان جي مٿئين حصي مان هانگ ڪانگ





جو ٻيٽ ۽ ڪولون جا ڪنارا، چٽا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هانگ ڪانگ ۾ هزارين سنڌي رهن ٿا ۽ ٻين هندوستانين ۽ پاڪستانين جو تعداد به تمام گهڻو آهي. هانگ ڪانگ خريدارن لاءِ جنت آهي، ڇو جو هتي ٽئڪس نه هئڻ ڪري انيڪ شيون سستيون آهن. هانگ ڪانگ ۾ الڪٽريڪل شين کان علاوه ريڊي ميڊ ڪپڙا تمام سستا آهن، جيڪي يورپ ۽ آمريڪا جي ملڪن ۾ به ملن ٿا. هتي ڪپڙو ۽ سلائي ٻيئي سستا آهن. ڪپڙن جي بهترين سلائيءَ لاءِ گهڻا دڪان سنڌين جا آهن، جن تي ڪاريگر چيني ۽ سنڌي آهن. ”کاڌي جي لحاظ کان نانگ بلائون، ڪچون، ڪيڪڙا ۽ آڪٽوپس انهن لاءِ ايترا سوادي ۽ لذيذ آهن، جيترو اسان جي لاءِ تتر، ڳانگٽ، مڪڙ ۽ پلا آهن.“ اهو به لکيو اٿس ته: ”هانگ ڪانگ سوين ناچ گهرن، ڪلبن، مساج گهرن، شراب خانن، جوا جي اڏن ۽ عصمت فروشيءَ جي اڏن سبب، دنيا جي مختلف ملڪن جي سياحن جي لاءِ ڪشش جو باعث آهي. هانگ ڪانگ ۾ سياحن جي آمدرفت سبب ۽ فري پورٽ هئڻ سبب هر وقت ماڻهن جي تمام گهڻي پيهه آهي، هتي هر قسم جون هوٽلون ۽ ريسٽورينٽ آهن. جيئن هوٽل حايات، ميرلين، ايمپريس ڪئنٽن، پئلس ۽ ڪجهه سستيون هوٽلون فارچونا، فيوجي، انٽرنيشنل ۽ رايل وغيره آهن. مون لائيٽ، هماليه، مغل ۽ گي لارڊ، ريسٽورنٽس کان علاوه هتي ڪيترائي فليٽس هوٽلن جي (Mess) طور استعمال ٿيندا آهن. اهي ميسون مسلمانن، هندن، سکن، بنگالين، ڏکڻ هندوستانين ۽ پنجابين جون آهن، جن جي لاءِ ليک لکي ٿو: ”هڪ دفعو هانگ ڪانگ جو ٻاهريون ماحول ڇڏي ڪنهن به ميس جو درڪولي اندر گهڙندا ته ائين سمجهندا ته ڄڻ ڪراچيءَ جي مينارام هاسٽل يا جناح ڪورٽس جي ميس ۾ ويٺا آهيو، يا ته ايل ايم سي جي هاسٽل جي ڪنهن ميس ۾.“(٦)

برٽش نيشنلٽي رکندڙ نورالدين وهاب کي جڏهن، هانگ ڪانگ حڪومت طرفان دوڪان کولڻ جو اجازت نامو نٿو ملي ۽ هو ڪراچيءَ جي ناظم آباد ۾ دوڪان کولي هميشه لاءِ اُتي رهڻ ٿو چاهي ۽ گڏوگڏ اهو ٿو ڄاڻائي ته ڪيترا آفريڪين ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو به لڏي ڪراچيءَ ۾ وڃن پيا، ته ليک کي پراڻي سنڌي اخبار ۾ مارونڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ جيئي سنڌ اڳواڻن جو مطالبو ياد ٿو اچي ته ’ترين کي ڪراچيءَ ۾ آباد ڪيو وڃي.‘ انهي وقت الطاف صرف سفرناما نگار نه آهي، هو هڪ حساس اديب ۽ سچاڻ سنڌي آهي، جنهن کي هانگ ڪانگ جي اونداهي (Tunnel)

سرنگهہ ۾ بي گهر ڏتڙيل ترين جي ياد چاڪ چاڪ ڪئي ٿي. هو قوم لاءِ سوچي ٿو، تڙپي ٿو.

هو سوچي ٿو تہ: ”تہ جتي پاڻيءَ جي ڪوٽ، اناج جي ڪوٽ، خوشين جي ڪوٽ، نوڪرين جي ڪوٽ، بيماري، بک، بيروزگاري، انگ اگهاڙا پار، ڏتڙيل ۽ غريب ماڻهو، اميدن ۽ مطالبن تي زندهہ رهندڙ اسان جي اٻوجهہ قوم. ڪيڏا ڪلور ۽ ڪوس هن ڌرتيءَ تي ڪيڏا هاجا. ڪيڏيون ڦريون، لٽيون، ڪيڏا گهوڙا ۽ گهلون، ڪيتريون جنگيون، ڪيڏيون غلاميون ۽ زنجيرون هر ڪو چوي ٿو تہ هاڻ عوامي دور اچي ويو آهي. سنڌ وري سکي ٿيندي. سنڌ بهشت برين ٿيڻ واري آهي. ڇا ٽيستائين منهنجي نستي ۽ نبل سرير ۾ ايتري شڪتي ۽ سگهہ رهندي جو مان ان جنت جي مرحبا ڪندس؟ ۽ ان بهشت کي پاڪر پائي سگهندس.“[٧]

هن سفرنامي ۾ خاص طرح هانگ ڪانگ ۽ ان جي پاسي وارن ٻيٽن جو بيان آهي، هي سفرنامو سادن لفظن ۾ هانگ ڪانگ جي تفريح کي بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ شڪارپور جي سيڪنڊ انجنيئر سعيد اختر زيديءَ سان گڏ گهمڻ ڦرڻ جو احوال آهي، تہ ٽوٽڪا ۽ چرچا پڻ آهن. گهمڻ ڦرڻ جي هنڌن جو تفصيل آهي تہ گڏ هوٽلن، ريسٽورنٽس ۽ شاپنگ جا احوال پڻ شامل آهن. ڪيترين شخصيتن سان ملاقاتون ۽ سندن شخصي تجزيو پڻ شامل آهي، ڪمبل پور جو پنجابي چوڪيدار هجي يا نور الوهاب فاروقي (واپاري)، ڪي سيتل سنڌي واپاريءَ سان ملاقات هجي يا فخرالدين ايم رضوي چيف انجنيئر ۽ سيد اڪبر شاهہ غازي چيف انجنيئر جي طبيعتن ۽ مزاج جو تضاد. سفرناما نگار چٽ سچو خاڪو رنگن سان پري بيان ڪيو آهي.

ڪتاب ۾ ڪيترائي پهاڪا ۽ چوڻيون، موقعي مطابق، برجستا استعمال ٿيل آهن. ’جيئن آئي ٽانڊي ڪاڻ تي ويٺي ٻورچياٽي‘، ’اڳئين هئي رُني ويتر جو آيس پيڪان نياپو‘، ’رب رسي تہ مت کسي‘، ’ڏندين ڏاند پر ڪرين گابي‘، ’ڪکر ۾ ڪڙو هٽڻ‘، ’اهو سون ئي گهوريو جو ڪن چني‘، ’سخيءَ کان شوم ڀلو جو ترت ڏي جواب‘، مني بہ ماٺ، مُني بہ ماٺ، ’ڦاسڻ ڪانپوءِ کهڙو ڦٿڪڻ‘ وغيره. هانگ ڪانگ جي هوٽل ’حيات‘ جي فنڪشن ۽ سيٺ سيتل ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي خاندان وارن سان ملاقات جو احوال ڏنل آهي، جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ هندوستان جي نئين نسل کي سنڌي زبان ۽ ادب سان لڳاءُ گهٽ آهي، جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ کي عربيءَ مان ڦيرائي ديوناگري لپيءَ ۾ ڪيو وڃي تہ شايد هندوستان ۾ سنڌيءَ کي بچائڻ لاءِ اهو طريقو ڪارگر ثابت ٿئي پر انهيءَ تي الطاف شيخ وڏيڪ ڪونہ لکيو آهي، فقط ايترو ڄاڻايو آهي تہ اها راءِ اڪثريت سان رد ٿيل آهي.





وايون وڄارن جون ۾ ڪجهہ اردو ۽ ڪجهہ سنڌي شعر بہ موقعي مطابق ڏنل آهن. ليکڪ شادين جي رسمن ۾ شرڪت ڪري هانگ ڪانگ جي سنڌين جي شادين جون رسمون ۽ رواج بيان ڪرڻ سان گڏ سندن ڳاتل، سنڌي ڳيچ ۽ لاڏا بہ بيان ڪيا آهن. مجموعي طور هي هڪ دلچسپ ۽ معلوماتي سفرنامو آهي.

### ڪراچيءَ کان ڪوپنهيگن تائين:

هيءُ سفرنامو نيو فيلڊس پبليڪيشن ١٩٩٥ع ۾ پهريون ۽ ١٩٩٨ع ۾ ٻيو ڀيرو شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب جو پيش لفظ محمد علي ڏيپلائيءَ لکيو آهي. ١٨٩ صفحن جو هيءُ سفرنامو ٤٧ ننڍن بابن تي مشتمل آهي، جن جا عنوان دلچسپ آهن. هن سفرنامي ۾ سئيڊن جو بيان آهي. هن سفرنامي ۾ ليکڪ سئيڊن جي موسم سان گڏ ان ملڪ جي ماڻهن، حالتن ۽ وقت جي پابندي، ڪم ڪرڻ جي شوق کي ڄاڻايو آهي، سندس موجب هتي جا ماڻهو محنتي آهن جڏهن تہ هتي رهندڙ ايشيا ۽ آفريڪا جا ماڻهو بيروزگاري، الائونس وٺڻ ۽ ڪم گهٽ ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا، جن سان سندن ملڪن جو مان گهٽجي ٿو ۽ خاص طور انهيءَ وقت ۾ اسان جي ملڪ جي ماڻهن جي عزت ٻاهرين ملڪن ۾ گهٽ هئي جو هُو ملڪ جي قائدن قانونن جي پيڪڙي ڪندڙ آهن. افسوس سان لکيو اٿن تہ: ”توهان بذاتِ خود ڪٽي چور، چَرسي هُجو پر توهان جي ملڪ جو نالو مٿانهون آهي تہ توهان کي احترام جو ڳو سمجهيو وڃي ٿو. ساڳئي وقت توهان جي ملڪ جو نالو بدنام آهي تہ توهان جهڙو بدترين ٻيو ڪونهي. توهان ڪٽي نيڪ ۽ نامور هُجو پر دنيا توهان کي نِڪمو، نالائق ۽ نيچ سمجهي ٿي.“[٨]

### جِت جَر وهي ٿو جال:

بہ سئو ويهن صفحن جو پڪي جلد ۽ سهڻي ٽائيٽل ڪور سان هيءَ ڪتاب، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو وارن، ١٩٩٩ع ۾، ٻيهر ڇپيو آهي، ’جت جر وهي ٿو جال‘،

جو پهريون ڇاپو نيو فيلڊس پبليڪيشن وارن شايع ڪيو هو. هن ڪتاب جو انتساب به فيروز ميمڻ جي نالي آهي ۽ ڪتاب جو مهاڳ مشهور اديب عبدالقادر جوڻيجي لکيو آهي. سندس راءِ موجب، ”سفر نامي جي صنف کي عوامي سطح تي مقبول بڻائڻ ۾ الطاف جو وڏو هٿ آهي.“(٩)

’جت جر وهي ٿو جال‘ جو عنوان، شاهه سائينءَ جي سُر سامونڊيءَ جي بيت مان ورتل آهي.

هن ڪتاب ۾ فيروز ميمڻ جو تعارف الطاف شيخ ڏنو آهي. الطاف شيخ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتابن جي نه ڇپجڻ لاءِ ڳڻتيءَ کي دل سان محسوس ڪيو آهي. سندن مطابق ته: ”هر ماڻهو ڪتاب پاڻ ڇپائي، مارڪيٽنگ نٿو ڪري سگهي. سنڌي ليکڪ پبلشرن جي هٿان، ڪافي پريشان آهن. ڪتاب جي لاءِ (پهريون لکو پوءِ ڇپايو پوءِ کپايو) کيڏو نه ڏکيو مسئلو آهي. ڪنهن ليکڪ جو ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ نه پڙهيو وڃڻ (صحيح مارڪيٽنگ نه ٿيڻ) تمام وڏو صدمو آهي، انهيءَ ڪري خدا ڪري سنڌي پبلشر زنده رهن ۽ سنڌي ڪتاب ڇپبا رهن.“(١٠)

ڪتاب جي شروع ۾، ليکڪ مئرين اڪيڊمي ۽ مئرين ڪاليج جي ڄاڻ سان گڏ ملائيشيا جو تعارف ۽ خاص ملاڪا جي مئرين اڪيڊميءَ جي ڄاڻ ڏني آهي، ملاڪا مئرين اڪيڊميءَ ۾، الطاف شيخ اٺ سال استاد جي حيثيت سان پڙهايو آهي. ملائيشا ۾ وڌيڪ وقت رهڻ سبب هن هنڌَ کي پرکڻ جو موقعو وڌيڪ مليو آهي. هن سفرنامي ۾ ملائيشا جي ڪوالمپور، پينانگ ۽ ٻين ٻيٽن جي معلومات آهي. ليکڪ ملائيشا جي تاريخ، جاگرافي سياسي سرشتي ۽ رياستن جي احوال سان گڏ ملڪ جا قائدا، قانون خاص طريقي بيان ڪيا آهن. سندس چوڻ مطابق دنيا ۾ ملائيشا، سوئيڊن، سعودي عرب ۽ جپان ۾ قانون جو تمام گهڻو احترام آهي.

ملائيشا ليکڪ جي نظر ۾:

ملائيشا، انڊونيشيا، سنگاپور ۽ ٿائيلينڊ جي ترقيءَ ۾ سندن ملڪن جي عوام جي محنت ۽ همت سان گڏ قدرت جي طرفان، ڏنل معدني دولت جو وڏو هٿ آهي. ربڙ ۽ پام جي ٻوٽن ۽ تيل جي معدنيات، هن ملڪ کي ترقي يافته ملڪ بڻائي ڇڏيو آهي.

ملائيشا جي حڪومت، ملڪ ۽ عوام جي ترقيءَ سان گڏ، سياحت جي ترقيءَ





کي به اهميت ونرائي ٿي.

انگريزن، ننڊي ڪنڌ کي ١٩٤٧ع ۾ ڇڏيو ۽ ٣١ آگسٽ ١٩٦٣ع، تي ملائيشا کي آزادي ملي. پر ملائيشا جي عوام، انگريزن جي خوبين کي پنهنجايو. سندن محنت جي اڻ ورچ عادت، وقت جي پابندي ۽ قانون جي پابنديءَ کي سکي پنهنجي ملڪ کي ترقي يافته ملڪن جي برابر ڪيو آهي.

ملائيشا جديد سهولتن وارو صاف سٿرو ملڪ آهي، وڏي عمارت، جاڙا ٽاور (Patronas, Twin Tower) هن ملڪ جي ترقيءَ جو اهڃاڻ آهي. ’ملايا‘ جنهن جو هاڻوڪو نالو ’ملائيشا‘ آهي ان جي وچ واري رياست سلينگور جي شهر ’ڪوالمپور‘ جو خاص احوال ڏنل آهي، پينانگ ٻيٽ ۾ چيني مندر، ڪارن والس جو قلعو، ٻڌن جو مندر، نباتاتي باغ ۽ سمنڊن جي ڪنارن جي ذڪر سان گڏ ڪئالا ڪنگسار، لموت، اپوح ۽ ٻين به ڪجهه شهرن ۽ ٻيٽن جي معلومات ڏنل آهي. ملائيشا جي ١٧٦٦ع کان ١٩٧٤ع تائين جي تاريخ کي به بيان ڪيو ويو آهي، ڪوالمپور، جيڪو عام طور K.L سڏيو وڃي ٿو، انهيءَ سان گڏ پينانگ جي تاريخ، جاگرافي ۽ تفريحي هنڌن جي ڄاڻ ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ ملائيشا ۾ رهندڙ پاڪستاني سفارتخاني جي عملي جي واکاڻ ڪئي آهي، جيڪي نه صرف پاڪستانين جي رهنمائي ڪن ٿا پر ملڪ جي تهذيب ۽ ثقافت جو به پرچار ڪن ٿا. ملائيشا ۾، پاڪستاني سفيرن ۽ آفيسرن خاص طور بلگرامي صاحب، چوڌري صلاح الدين، عباسي صاحب ۽ سيد عظمت حسين کان قانصلر فوزيه نسرين تائين سيئي هر پاڪستانيءَ لاءِ قربانتا ۽ مددگار رهيا آهن.

الطاف شيخ جي چوڻ مطابق پرديس ۾، پاڪستانين جي طرفان آڌرڀاءُ يا اخلاقي مدد سان دل تمام گهڻي خوش ٿيندي آهي ۽ ساڳيءَ ريت جيڪڏهن اتي اخبارن ۾ يا ميڊيا جي طرفان پاڪستان جي باري ۾ هنگامي يا فساد جون خبرون ملنديون آهن ته، پرديس ۾ پنهنجي ملڪ جي بدنامي پنهنجي گهر جي گهٽتائي لڳندي آهي.

عالم چنا جي تصوير هر بڪ شاپ تي، ’گنيس بڪ آف ورلڊ‘ جي نئين اشاعت تي ڏسي ليکڪ لکي ٿو ته: ”اسان به جنهن تنهن کي ٻڌائي پنهنجي لئه رکندا آهيون، يعني گهوٽ جي ماءُ نه سهي، گهوٽ جي پڦي ته ٿياسين.“

هيءُ سفرنامو هڪ ئي ملڪ ملائيشا جي تيرهن رياستن ۽ سهڻن ٻيٽن ۽ اهم شهرن جي جاگرافيائي حيثيت کان سواءِ، سياسي ۽ سماجي ڄاڻ پڻ ڏئي ٿو. هيءُ هڪ

معلوماتي سفرنامو آهي، جنهن ۾ نقشن ۽ تصويرن جي مدد سان مختلف هنڌن جي نشاندهي ٿئي ٿي. هن سفرنامي ۾، ليکڪ سوانحي انداز سان ڪجهه شخصيتن جي ذاتي حال احوال سان اتي جي ماحول جي خبر ڏني آهي، رستن ۽ روڊن جي ڄاڻ ۽ ٻوليءَ جي مختصر لفظن ۽ جملن جي سمجهاڻي سنڌيءَ ۾ ڏني اٿن. ڪجهه پهاڪا ۽ چوڻيون به موقعي مهل استعمال ٿيل آهن. ٻولي سادي ۽ بياني انداز پُر اثر آهي، ليکڪ پنهنجي تجربن ۾ پڙهندڙ کي جهڙي ريت ڀاڱي ڀائيوار ڪري ٿو، ته اهو احساس ٿئي ٿو ته پڙهندڙ به سفر ۾ شريڪ آهي.

**دنگي منجهه درياهه:**

هن سفرنامي جو پهريون ڇاپو ١٩٨٧ع ۾، نيو فيلڊس پبليڪيشن پاران شايع ٿيو، جو سندن اشاعتي سلسلي جو ستانوي نمبر ڪتاب آهي. ١٩٠ صفحن جو هيءُ سفرنامو، مختلف ملڪن جي گڏيل احوال تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ آمريڪا، سنگاپور، بئنڪاڪ ۽ جپان سان گڏ مختلف ٻيٽن، فجي، مئڊا گاسڪر ٻيٽ ۽ فرانس جي 'ترستان ٻيٽ' جو ذڪر شامل آهي. هن سفرنامي جو مهاڳ نصير مرزا لکيو آهي. نصير مرزا، الطاف شيخ کي 'سنڌي سفرنامن جو سرواڻ ليکڪ ڄاڻايو آهي.' سندس موجب ته: "الطاف جي لکڻ جو ڏانءُ اهڙو آهي جو ڄڻ ڪا سگهڙ عورت مختلف رنگ برنگي ٽڪرن مان رلي جوڙي راس ڪندي آهي."(١١)

هي سفرنامو ڪنهن ملڪ جي مخصوص احوال تي ٻڌل نه آهي پر هن ۾ ليکڪ مختلف هنڌن جي گڏيل معلومات ڏني آهي. ملايا، ٿائيلينڊ، جپان، سنگاپور، آمريڪا ۽ ٻين ڪيترن ئي مُلڪن جو ذڪر آهي، مالاگاس جي مئڊاگاسڪر ٻيٽ جو احوال آهي، جيڪو دنيا جو چوٿون نمبر ٻيٽ ليکجي ٿو، پئسفڪ سمنڊ جي فجي ٻيٽ جو به ذڪر آهي. (جتي مختلف قومن ۽ ملڪن جي رهاڪن سان گڏ هندوستانين جي به اڪثريت آهي، هن صاف سٿري ٻيٽ تي صحت جي اصولن مطابق زندگي بسر ڪندڙ عوام خوش باش آهي ۽ هن ٽئڪس فري ٻيٽ جي زندگي امن وا مان ۽ سانت واري آهي). دنيا جي نويڪلي ٻيٽ 'ترستان' جو به ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن تي صرف سمنڊ جي لهرن جو آواز ۽ سچ آهي پر ته به ڪجهه انگريز نويڪلائيءَ کي پسند ڪندي هتي رهن ٿا. هن سفرنامي ۾ ٿائيلينڊ جي سِکن جا سوانحي بيان آهن ته ٿائيوان جي





ڪبوترن جي اڏامر جو مقابلو پڻ آهي، آمريڪا جي ٽئڪسي ڊرائيورن جي بارگيننگ بيان ڪيل آهي ته آمريڪا جي سنڌين جي ايسوسيئيشن جو تفصيل ۽ ايڊريسون پڻ ڏنل آهي، بارسلونا (اسپين) جي پوڙهي انگريز ۽ جهوني جهاز ران سان جهازن جي دنيا جي ڪچهري آهي، ته گڏوگڏ ملائيشا ۾ راڄا ڪرشن پارواڻيءَ سان ڪيل سنڌ ۽ سنڌيت جي ڳالهه ٻولهه پڻ شامل آهي. سنگاپور جي سکن جي احوال ۾ مئرين انجنيئر سردار تارا سنگهه، سردار چنن سنگهه، سردار هري سنگهه ۽ مسز راول ڪور جي سوانحي بيان سان گڏ 'پڳ وارو پير' جي عنوان سان، پير صاحب پاڳارو سان ملاقات جو تفصيل اهم آهي. الطاف شيخ ڪراچيءَ ۾ ڪم سانگي، پير صاحب پاڳاري، پير سڪندر شاهه سان جيڪا ملاقات ڪئي، انهيءَ جو احوال دلچسپ ڏنل آهي.

هو لکي ٿو: "موڪلاڻ وقت سندس مرڪ مدتون گذرڻ بعد، ڏور ڏور هتي ملائيشا ۾ ويني وساري نه سگهيو آهيان. سندس ڳالهائڻ جو اسٽائيل ۽ ڳالهه جي تهه تائين تکو پهچڻ لاءِ ٿورن سوالن جي چونڊ ۽ ان بعد At a spot فيصلو ڪري وٺڻ، قابل داد ڳالهه آهي."(١٢)

الطاف شيخ، 'دنگي منجهه درياهه' ۾ ٿائيلينڊ ۽ ملايا بابت هيٺين ريت ڄاڻ ڏني آهي:

سڄيءَ ملاڪا رياست جي آدمشماري ڪوٽڙي شهر کان گهٽ آهي، بلڪ ٽنڊو آدم يا شهدادپور جيتري ٿيندي، لکي ٿو: "ٿائيلينڊ جي شهر بئنڪاڪ ۾، جيڪو مساج (مالش) گهرن، رنڊين جي گهٽائيءَ ۽ ٻڌ ڌرم جي مذهب کان مشهور آهي. تنهن ۾ هڪ سئو چاليهه کن مسجدون آهن ۽ ٻن لکن کان وڌيڪ مسلمان فقط بئنڪاڪ شهر ۾ رهن ٿا.

بئنڪاڪ جي سينٽرل مسجد سورهن هزار چورس ميٽرن جي ميدان تي آهي. هيءُ مسجد تعمير جي فن جو نادر نمونو آهي، جنهن ۾ مدرسو، آڊيٽوريم، ڪلچرل، سينٽرل لائبريري ۽ ڪوجنا گهر پڻ آهن. جنهن ۾ هڪ ئي وقت پنج هزار مسلمان نماز پڙهي سگهن ٿا.

ٿائيلينڊ ۾ اڄڪلهه اسلامي تعليم عروج تي آهي، اسلامڪ آئيڊيالاجي ۽ اسلامي تاريخ جهڙا سبجيڪٽ اتي پڙهايا وڃن ٿا. هتي جي هوٽلن تي هوٽل جي نالي مطابق مخصوص کاڌو ملي ٿو. جيئن ملئي هوٽلن ۾ ملئي کاڌو. چيني هوٽلن ۾ چيني

۽ انڊين هوٽلن ۾ هندوستاني طرز جو ڪاڏو ملي ٿو. ڏور اوڀر جي ملڪن ۾ سڀ کان گهڻا سنڌي انڊونيشيا ۾ رهن ٿا ١٥ هزار فئمليون ته صرف جڪارتا ۾ آهن ڪل انڊونيشيا ۾ ٢٥ هزار کن سنڌي فئمليون آهن.

ڏيهه کي پرڏيهه سان پيئيندي الطاف شيخ رستن روڊن ۽ گهٽين سان گڏ شهرن جي پيٽ به وٽندڙ ڏئي ٿو. جيئن مثال طور ’اسان جي مئرين ٽائيم اڪيڊمي ملاڪا جي وچ شهر کان مفاصلي ۾ ايترو پري آهي، جيترو پيٽاري جو ڪئڊٽ ڪاليج حيدرآباد شهر کان.‘

’پيٽاروکي الوداع، چئي چتنگانگ پهچڻ تي پهرين شيءِ جا ياد آئي سا موسم هئي. حيدرآباد پاسي جي ٿڌين راتين جي چٽگانگ جي گهميل راتين سان ڪيئن ٿي ڀلا ڀيٽ ڪري سگهجي؟ ڄامشوري، حيدرآباد ۽ پيٽارو جي شامن ۾ جيڪو نشو ۽ خمار آهي، ان کي ته چاليهه سال اڳ ويل هندو واپاري ۽ انگريز حاڪم به وساري نه سگهيا آهن،‘

’ملاڪا سنڌ جي شهر حيدرآباد جيان آهن. جنهن جي هڪ پاسي ڪراچيءَ وانگر سئو سوا سئو ميلن تي سنگاپور آهي ته ٻئي پاسي بئنڪاڪ ائين آهي جيئن حيدرآباد کان خيرپور يا سکر.‘ ”[١٣]

’دنگيءَ منجهه درياهه‘، الطاف شيخ جو ١٩٨٧ع، جو سفرنامو مختلف پيٽن جي احوال بابت هوندي به دلچسپ آهي. ليکڪ موجب: ” هي سفرناما مون هڪ هنڌ ڪرسيءَ ٽيبل تي چڙهي ويهي ٿورو ئي لکيا آهن، ڪو باب جهاز جي ڊيڪ تي، ڪو لنگر جي رسيءَ کي ٽيڪ ڏئي، ڪو جهاز جي ڪاريڊار ۾، ڪو جهاز جي اوپن ايئر لائونج ۾، ڪو پوسٽ جي دٻي وٽ ويهي.“

مٿئين سفر نامي جو عنوان، شاهه سائين جي هيٺئين بيت مان ڪنيل آهي.

دَنگِي وِچ دَرياهَ، ڪِين ٻُڏي ڪِين اُپِڙي،
هُو جي وادِي واڻيا، سي سُونهَڻَ سَڀِ سَڙِيا،
مُعلِم ماڳِ نه اَڳِيين، قِلنِگِي مَنجهه قِرِيا،
مَلاحَ! تُنهنجِي مَڪِڙِيءَ، اَچِي چورَ چَڙهِيا،
جِتي ڏِينگَ دَرِيا، تِتي تارِي تنهنجِي!

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر سريراڳ داستان ٣، بيت ١١، ص: ١٦٨)





جيئن ته ليکڪ جي مٿئين بيان مان واضح آهي ته هن کي جتي جتي به ڪا ڳالهه دل کي وڻي آهي يا هو متاثر ٿيو آهي، ته هن اهو پاڻ وٽ نوٽ ڪيو آهي ۽ پوءِ آخر ۾ سيني لکڻين کي ترتيب ڏئي ڪتابي صورت ۾ آندو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪراچيءَ جو ذڪر آهي ته حيدرآباد، ڄامشورو ۽ پيٽارو جي ٿڌين راتين جو بيان پڻ شامل آهي، ٻاهرين ملڪن جي لحاظ کان گهڻو ذڪر بئنڪاڪ ۽ سنگاپور جو آهي، مطلب ته مختلف موضوع، شامل آهن. جيڪي سڀ الڳ الڳ آهن. الطاف شيخ جي هن سفرنامي ۾ ڪيترن ئي شخصيتن سان ملاقاتن کان علاوه مزيدار ٽوٽڪا شامل آهن. ته پهاڪا ۽ چوڻيون به شامل آهن، جيئن ’چمڙي وڃي دمڙي نه وڃي‘، ’لعل به لڌو پريت به رهجي آئي‘، ’تکڙ ڪم شيطان جو‘، ’اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نه ڇڏجي‘، ’کُتل آهيون ته به خان آهيون‘، ’ڪاريءَ وارا ڪک نظر اچڻ‘ وغيره. جپاني ٻوليءَ جي پهاڪن کي پيٽي اهو ڄاڻايو ويو آهي ته پهاڪا ۽ چوڻيون دنيا جي هر ٻوليءَ جي علم و ادب جو حصو آهن. ڪيترائي جپاني پهاڪا ڏنا ويا آهن ۽ ساڻن ٺهڪندڙ سنڌي پهاڪا به بيان ڪيا اٿس، جيئن مثال طور ’جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا‘ کي جپانيءَ ۾ ’ڪائيرونوڪو واڪائيرو‘، ۽ ’صبر جن جو سير تير نه گسي تن جو‘، جپاني ۾ هن ريت آهي، ’ماتيبا ڪائيرو نو هيبوري‘، ۽ ’پئسو هٿن جو مر آهي‘، کي جپانيءَ ۾ هن ريت بيان ڪن ٿا. ’ڪاڻياوا تينڪا نوماوا ريموچي‘، مجموعي طور هن ڪتاب ۾ ملائيشا ۽ ڪجهه ٻين ملڪن جي تاريخ، جاگرافي ۽ آدمشماريءَ سان گڏ هوٽلن، کاڌن ۽ تفريحي هنڌن جي ڄاڻ آهي ته مختلف تشبيهن ۽ وڻندڙ ٻوليءَ سان ٻيا به ڪئين متفرقه بيان آهن. هن سفرنامي جي بابن جي فهرست دلچسپ ۽ ڪمپوزنگ جون چڪون نه هئڻ برابر آهن، پروف ڏيان سان چڪاسيل آهي، هي هڪ مزيدار ۽ معلوماتي سفرنامو آهي.

### دهليءَ جو درشن:

هي سفرنامو، هندوستان جي احوال تي آڌاريل آهي، جيڪو روشني پبليڪيشن ٢٠٠٦ع، ۾ شايع ڪيو آهي. ٤٠ بابن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ هندوستان وڃڻ لاءِ ڪي اهم ڳالهيون خاص طور ڪسٽم، نقلي نوٽن کان بچڻ، ڪرنسيءَ ۾ آمريڪي ڊالر ۽ ٿوري هندوستاني ڪرنسي ڪٽي وڃڻ ۽ دهليءَ جي باري ۾ ڄاڻ تي مشتمل آهي دهليءَ جي جهوني لائبريري دهليءَ جون حويليون، بالي ووڊ جا ڪجهه سنڌي، انڊيا جي

رستن تي هلندڙ ڪارون، انڊيا بابت ۽ انڊيا جا ليکڪ، دهليءَ جو قطب مينار، هردوار، هندن جو حج، انڊيا ۾ مسلمان وڏيڪ سلامتي سان رهن ٿا ۽ ٻين موضوعن تي ڪل ۴۰ باب آهن.

الطاف شيخ پنهنجي ڪيڊٽ ڪاليج جي دوست رامچند اوڏ جي شاديءَ ۾ شرڪت لاءِ دهلي ويو، جتي هن تاريخي عمارتون، نظام الدين اولياءَ جي مزار، شاهي مسجد، لال قلعو، همايون جو مقبرو، انڊيا گيٽ، جمنا نديءَ جا ڪنارا ۽ ٻيا هنڌ گهميا. ڪيترن اهم هنڌن جيئن دهلي، سرينگر، پٺانڪوٽ، لڌيانه، جيپور، ممبئي، پوني، اڏيپور، احمدآباد، سورت، گُوا، بئنگلور، ميسور، اجمير ۽ ٻين هنڌن جي تاريخي ۽ جاگرافيائي اهميت بيان ڪئي آهي. ساڌو واسواڻي جي علمي خدمتن ڪي پڻ بيان ڪيو اٿس، دهليءَ ۾ تاريخي عمارتون گهمندي، ليکڪ مغل بادشاهن جي طبيعتن ۽ مزاج تي پڻ ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي. لکي ٿو ته: ”همايون جيتوڻيڪ ذهين حاڪم هو پر ساڳئي وقت Unbalanced به چئي سگهجي ٿو، هن جتي جتي شهر ٺاهيا اتي انهن جي تباهي به آندي. بابر جي هٿ ڪيل حڪومت جيڪا هن کي ورثي ۾ ملي، ائين ئي وائڙن وانگر وڃائي ڇڏي ۽ دربدر ڌڪا کائڻ لڳو ۽ آخرڪار هن کي اها واپس ملي وئي ته سندس حياتي وفا نه ڪئي ۽ ڇهن مهينن بعد گذاري ويو.“(۱۴)

**نيويارڪ کان نيو هالا تائين:**

هيءُ سفرنامو، روشني پبليڪيشن، ۲۰۰۷ع ۾شايع ڪيو آهي، ۵۳۴ صفحن جي هن ڪتاب تي، الطاف شيخ کي بهترين سفرنامي جو ايوارڊ ملي چڪو آهي. سفرنامي جي فهرست جا عنوان هن ريت آهن. ’هوائي ۽ سامونڊي سفر ۾ فرق‘، ’آمريڪا ۾ خوشحاليءَ جو راز‘، ’چارئي شير آمريڪا ۾‘، ’نيويارڪ اچڻ تي وائڙو ٿي ويس‘، ’بيماريءَ جو گهٽو راڳ نه ڳايو‘، ’ظفر فاروقي ۽ رام رنگواڻي جا ٻار‘، ’آمريڪا جي مختصر تاريخ‘، ’آمريڪا ۾ رهندڙ نديم جوڻيجو ۽ سندس زال سميرا‘، ’اقبال ترڪ ۽ سندس پائر‘ ۽ ’هيءَ ڊنر چڱي مهانگي پئي‘.

نيويارڪ کان نيو هالا تائين، فقط هڪ ئي ملڪ جي مختلف حصن جو بيان آهن، جنهن ۾ ليکڪ جيترا گهڻا هنڌ مشاهدي هيٺ آندا آهن، ايترن ئي گهڻين شخصيتن سان سندس ملاقاتون پڻ ٿيون آهن، جن جو ذڪر هن وڻندڙ انداز ۾ ڪيو آهي. جن





شخصيتن جو ذڪر ڪيو اٿس، انهن ۾ محمد صديق گاجڻيءَ جو اولاد، هالا جي ليليٰ ۽ انڙ پور جو رمضان، نعيم ميمڻ، نديم جوڻيجو ۽ سميرا قاضيءَ جو خاندان، بشير انصاري ۽ غلام مصطفيٰ ٻگهيو، علي ابڙو، محمد پناهه راڄپر، اقبال جماڻي، انور ميمڻ، خالد هاشماڻي، اقبال ترڪ، منور لغاري، ڊاڪٽر خميساڻي، ڊاڪٽر هاليپوٽو، خالد چنا، مسعود چنا، شڪيل ميمڻ، طفيل چانڊيو، بابو عبدالرحمان، يوسف ڏاهري، رميش تارواڻي، ڊاڪٽر خورشيد چنا، ڊاڪٽر نصرت قاضي، شمع، ڪليم خلجي ۽ ٻيا شامل آهن.

ان کان سواءِ، سنڌ جي امر سنڌو، لياقت عزيز، حڪيم نظير شيخ ۽ ٻين ڪيترين، شخصيتن جو ذڪر هن سفرنامي ۾ڪيو اٿس، هڪ لحاظ کان هي سوانحي سفرنامو چئجي ته به بجا ٿيندو. الطاف شيخ، آمريڪا ۽ ان جي مشهور شهرن، پُلن ۽ ٻين شهرن جي تاريخ، جاگرافي، موسم ۽ حالتون ڄاڻايون آهن. آزاديءَ جي مجسمي جي باري ۾ لکيو اٿس ته ”انصاف، آزاديءَ ۽ جمهوريت جهڙين نيڪ ڳالهين جي علامت آهي ۽ ٻيو پنهنجي وڏي سائيز کان مشهور آهي. اهو اڄ کان ۱۲۰ سال اڳ ۱۸۸۶ع ۾ ٺهيو هو ۽ اڄ ڏينهن تائين دنيا جو وڏي ۾ وڏو لوهي مجسمو آهي. ان عورت کي ٽامي جو چوغو ۽ مٿي تي تاج رکيل آهي هن آزادي جي مجسمي کي فرانس ۾ ٺاهيو ويو جو ۱۸۸۴ع ۾ ٺهي راس ٿيو جتان نيويارڪ ۱۸۸۵ع ۾ پهچايو ويو، ۱۵۱ فٽ ڊگهو عورت جو مجسمو، ۱۵۴ فٽ اسٽول تي نصب ڪيو ويو جو ۳۵۰ ٽڪرن ۾، ۲۱۴ ڪريٽن ۾ بند ڪري پاڻيءَ جي جهاز معرفت آمريڪا آندو ويو جتي چئن مهينن ۾ انهن ٽڪرن کي نٽ بولٽن ۽ ويلڊنگ ذريعي ڳنڍي بيهاريو ويو، ليبرٽي آئليند تي ۱۸۸۶ع، ۾ فٽ ڪيو ويو ۽ دنيا جو هيءُ وڏي ۾ وڏو مجسمو آزاديءَ جي ديوي شمار ٿئي ٿو.“(۱۵)

مطلب ته هن ڪتاب ۾ ٻيا به ڪافي معلوماتي دلچسپ احوال ادبي انداز ۾ بيان ٿيل آهن، جن جي سبب هي نهايت دلچسپ سفرنامو آهي.

الطاف شيخ جي سفرنامن جي فن تي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد لکي ٿو ته، ”الطاف شيخ پنهنجي سفر جا واقعا بيان ڪندي ان ملڪ جي، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي حالتن ۽ ماڻهن جي مزاج، فطرت ۽ زندگي گهارڻ جي طريقن تي روشني وڌي آهي، ان سان گڏ وچ وچ تي پنهنجي ملڪ جي حالتن جو بيان ڏاڍو دلڪش ۽ پراثر انداز ۾ بيان ڪيو اٿس، انهيءَ ڪري سندس سفرناما ڏاڍي شوق سان پڙهيا ويندا آهن.“(۱۶)

ڊاڪٽر قاضي خادم، ١٦ نومبر ١٩٨٠ع، جي جنگ اخبار ۾ سندس سفرنامن تي جيڪو تبصرو ڪيو آهي، سو ڪتاب 'جاني ته جهاز ۾' ڇپيو. سندن چوڻ مطابق: "الطاف پنهنجن سفرنامن تي رائيٽرز گلڊ جي طرفان ڪئين اعزاز حاصل ڪري چڪو آهي، ڪيس انعام انهيءَ تي ڏيڻ ڪپي ته هن سنڌي ادب کي جديد بين الاقوامي رجحان سان روشناس ڪرايو."(١٧)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، الطاف شيخ جي مقبوليت جو سبب سندس سفر ناما چاٽائيندي لکيو آهي ته، "جنهن هڪ ليکڪ کي سفرنامن جي ڪري ئي گهڻي مقبوليت حاصل ٿي سو الطاف شيخ آهي."(١٨)

ڊاڪٽر عبدالجبار اهو به لکيو آهي ته، 'ادبي معيار جي مدنظر الطاف البت پوئتي آهي'، منهنجي نظر ۾ جبار صاحب اهو ريمارڪ سندن شروع جا چار سفرناما پڙهڻ ڪانپوءِ ڏنو آهي، جيڪو چاٽايو پڻ اٿن، الطاف شيخ جا انهيءَ ڪان پوءِ ڪافي سفرناما شايع ٿيا آهن، الطاف جي طرز تحرير وقت سان گڏ پختگيءَ ڏي مائل رهي. جبار صاحب اهو به اعتراف ڪيو آهي ته: "سفرنامي جو صحيح لطف پڙهندڙن کي، الطاف وٺايو ڇو جو سندس سفرناما دنيا جي وڏي حصي بابت هئا، هو مسلسل سفر ڪندو رهيو ۽ لکندو رهيو."(١٩)

**نتيجو:**

الطاف شيخ، هڪ اعليٰ تعليم يافته ليکڪ آهي، هو نه فقط پنهنجي وقت ۾ سُنو شاگرد هو، پر هڪ بهترين استاد پڻ رهيو آهي. هُن پنهنجن سفرنامن ۾ دنيا جي ڪيترن ئي مُلڪن جي يونيورسٽين ۾ علمي ماحول کي تفصيل سان پيش ڪيو آهي. هُو نوجوان طبقي کي خاص طور اعليٰ تعليم لاءِ اُتساهيندڙ آهي. الطاف جا سفرناما، معياري سفرناما آهن، جن ۾ غير معياري لفظن ۽ واقعن جي ذڪر ڪان پاسو ڪيل آهي، هن سفرنامن کي ڪمرشلائيز ڪرڻ جي سطحي ڪوشش نه ڪئي آهي. سندس تخليقي قوت، خوش مزاجي ۽ ديس واسين سان محبت تحريرن مان واضح آهي، پڙهندڙن جي اُتساهه سان سندس قلم جي ڏات کي پذيرائي پڻ ملي آهي. انهيءَ ئي ڪري سنڌي ادب سفرنامي جي صنف ۾ پاڻ پرو ٿي ويو آهي.

سندس سفرنامن ۾ ملڪن جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت، تعليم، ريتن،





رسمن ۾ ٻين معلوماتي احوالن سان گڏ ٻوليءَ جو سهڻو استعمال ۽ ادبي رنگ به ملي ٿو. جنهن سبب ڪان هيءَ سفرناما، نصابي ضرورت هئڻ سان گڏوگڏ، گهرن ۾ ڪتبخانن جي سونهن آهن ته صحت مند ادب جو حصو پڻ.

## حوالا


١. شيخ الطاف، 'منهنجو ساگر منهنجو ساحل'، وفائي پرنٽنگ پريس ڪراچي، ١٩٧٧ع، ص:٢٤.

٢. شيخ الطاف/امرجليل، 'بندر بازاريون'، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدر آباد، ١٩٧٥ع، ص:٣.

٣. شيخ الطاف/ طارق اشرف، 'سمونڊ جي سيوين'، انجمن فروغ ادب هالا، ١٩٧٢ع، ص:١٠٣.

٤. طارق اشرف/شيخ الطاف، 'وايون وڻجارن جون'، سهڻي پبليڪيشن حيدر آباد، ١٩٧٤ع، ص:٥.

٥. ساڳيو، حوالو، ص:٢٠٣.

٦. ساڳيو، حوالو، ص:٦٦.

٧. ساڳيو، حوالو، ص:١٦٠.

٨. شيخ الطاف، 'ڪراچيءَ ڪان ڪوپنهيگن تائين'، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ١٩٩٨ع، ص:٢٢.

٩. جوڻيجو، عبدالقادر/شيخ الطاف، 'جت جر وهي ٿو جال'، (مهاڳ)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ١٩٩٩ع، ص:٦.

١٠. ساڳيو، حوالو، ص:٢١.

١١. مرزا نصير / شيخ الطاف، 'دنگيءَ منجهه درياهه'، (مهاڳ)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ١٩٨٧ع.

١٢. شيخ الطاف، 'دنگيءَ منجهه درياهه'، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ١٩٨٧ع، ص:٢٤.

١٣. ساڳيو، حوالو، ص:١٧ ۽ ١٩.

١٤. شيخ الطاف، 'دهليءَ جو درشن'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٦.

١٥. شيخ الطاف، 'نيويارڪ ڪان نيو هالا تائين'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٧ع، ص:٣٧٦.

١٦. ميمڻ، عبدالمجيد ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب جو تاريخي جائزو'، روشني پبليڪيشن، ٢٠٠٢ع، ص:١٤٢.

١٧. قاضي خادم، ڊاڪٽر، 'روزاني جنگ' ١٦ نومبر ١٩٨٠ع.

١٨. جوڻيجو، عبدالجبار ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب جي مختصر تاريخ'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ١٩٩٤ع، ص:١٧٦.